SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXII مجريہ 1972

SINDH ORDINANCE NO.XXII OF 1972

اولهہ پاڪستان جوا کان روڪڻام (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972

THE WEST PAKISTAN PREVENTION OF GAMBLING (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1961 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس I جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance I of 1961

3. 1961 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس I جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of West Pakistan Ordinance I of 1961

4. 1961 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس I ۾ دفعات 11_A ۽ 11_B جو اضافو
Addition of Section 11_A and 11_B to West Pakistan Ordinance I of 1961

5. لائسنس جاري ڪرڻ
Issue of license

6. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

سنڌ آرڊيننس نمبر XXII مجريہ 1972

SINDH ORDINANCE NO.XXII OF 1972

اولهہ پاڪستان جوا کان روڪڻ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972

THE WEST PAKISTAN PREVENTION OF GAMBLING (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

[6 نومبر 1972]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان جوا کان روڪڻ آرڊيننس، 1961 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان جوا کان روڪڻ آرڊيننس، 1961 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان جوا کان روڪڻ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان جوا کان روڪٿام آرڊيننس، 1961 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به مک آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 ۾، لفظ "هنر" کانپوءِ لفظ ۽ ڪاما "يا هڪ لائسنس تحت قائم ڪيل، سنيماليل ۽ هلندڙ ٿوئرسٽ ڪمپليڪس ۾ ڪيڏيون ويندڙ راندیون" شامل ڪيا ويندا:

1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس I جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance I of 1961

3.مک آرڊيننس جي دفعه 3 ۾، شق (e)جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ "۽" سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(f) 'ٿوئرسٽ ڪامپليڪس' مطلب هڪ نجي عمارت يا ان جو حصو جيڪو ميوزيڪل ٿيٽريڪل پرفارمنس، تفريحن يا پرڏيهين لاءِ مختلف راندين ڪيڏڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي،".

1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس I جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of West Pakistan Ordinance I of 1961

4.مک آرڊيننس جي دفعه 11 کانپوءِ، هيٺيون نيون دفعات شامل ڪيون ويندیون، يعني:

1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس I ۾ دفعات 11_A ۽ 11_B جو اضافو

Addition of Section 11_A

and 11_B to West Pakistan Ordinance I of 1961

لائسنس جاري ڪرڻ
Issue of license

"11_A. حڪومت اهڙين شرطن تي هڪ ٽوئرسٽ ڪامپليس قائم ڪرڻ، سنڀالڻ ۽ هلائڻ لاءِ لائسنس جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

11_B. حڪومت هن آرڊيننس جي گنجائشن کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي، ۽ خاص طور تي هيٺين لاءِ:

(a) ٽوئرسٽ ڪامپليس لاءِ لائسنس جي منظوري لاءِ شرطون بيان ڪرڻ؛

(b) ٽوئرسٽ ڪامپليس ۾ داخلائن جو انتظام ڪرڻ؛

(c) ٽوئرسٽ ڪامپليس ۾ ڪيڏيون ويندڙ مختلف راندين جو آپريشن."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.